# نظم جو پاڱو

## آهيون الف آسري، مُحمّد مجيوسون

حضرت شاهه عبداللطيف رحمة الله عليه 1102هه/ 1690ع ۾ ڄائو سندس پيءُ جو نالو سيد حبيب شاهه آهي. شاهه صاحبؒ سير سفر جو ڪوڏيو هو. راڳ سان به سندس گهڻي دلچسپي هئي. شاهه سائينءَ جي ڪلام جو ڪتاب "شاهه جو رسالو" سنڌي ٻوليءَ جو هڪ اهم دستاويز آهي. سندس ڪلام تصوف جو رنگَ ۾ رڱيل آهي. هو "سنڌ سڪار" سان گڏ "عالم سڀ آباد ڪرين" جي دعا ٿو گهري. سندس ڪلام صحيح معنيٰ ۾ آفاقي آهي.

شاهه سائينءَ 14 صفر 1165هه تي بمطابق 1752ع ۾ وفات ڪئي. هر سال انهيءَ تاريخ تي ڀٽ شاهه تي ميلو لڳندو آهي.

### وائي

جن جو وارث تُون، اَلا، سي ڪيئن رهندا نيڻ منهنجا،
آگــي أڀ خلــقيــا، پَلــي خلــقيائيــن پُــون،
جــن جــو وارث تُــون!

جــوڙيائين جــهــانَ ڪــي، چئي ڪُــن فيڪُون،
جــن جــو وارث تُــون!

ڪوڙِي دنيا ڪُوڙا پَسارا، ڏينهن مِڙوئِي ڏُون،
جــن جــو وارث تُــون!
آهــيــون الــف آسري، مُحمّد مجيــو سُــون،
جــن جــو وارث تُــون!

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- اُپ ۽ يونءِ ڪنهن خلقيا آهن؟
2- هيءَ ڪُوڙِي دنيا گهٽا ڏينهن آهي؟
3- اسين ڪنهن جي آسري آهيون؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:
آگي – اُپ – پلي – يُونءِ – پسارا – ڏُون.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:
آگي – اُپ – پلي – ڪُوڙِي.

(د) هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:

- جوڙيائين جهان کي، چئي ..........................
- ڪوڙي دنيا، ڪوڙا .......................... ڏينهن مڙوئي ڏُون.
- آهيون الف آسري، مُحمّد ..................................

(هہ) اهڙا ضمير جيڪي ڪن اسمن ڏي اشارو ڪن ٿا، تن کي ضمير اشارو چئبو آهي؛ اُهي ٻن قسمن جا آهن: ضمير اشارو ويجهو ۽ ضمير اشارو ڏُور، "هيءُ" "هِن" ضمير اشارو ويجهو لاءِ ڪم ايندا آهن. توهين انهن کي پنهنجي جملن ۾ ڪتب آڻيو.